مشتاق گبول

# نارائڻ شيام جي دوهن جو فني ڇيد


*Abstract:*

*Doho (complete verse) is one of the ancient genres of Sindhi and Hindi poetry. There are solid proofs of Sindhi poetry. In this context Narain Shyam is an important poet of Sindhi language who composed his poetry in this genre a lot. He also did technical experiments specially in its metres. Nobody else could do the same as compared to Narayam Shyam in this genre. This paper is aimed to throw light on the technical including metrical experiments of Doha. Resultantly, many new aspects were found and addressed thoroughly.*


**دوهو** سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جي مقبول صنف آهي. جنهن ۾ ٻه مصراعون هونديون آهن. ٻنهي مصراعن جي پڇاڙيءَ ۾ قافيو ايندو آهي. دوهي جي هر مصراع کي 'دل' چئبو آهي. هر 'دل' ۾ ٻه پَد يا چَرن ٿين. دوهي ۾ چار پَد يا چَرن ٿين. پهرين ۽ ٽين کي 'وِشم' (طاق چيو ويندو آهي، ٻي ۽ چوٿين پَدکي 'سم' (جفت) چيو ويندو آهي.

"دوهو (سنڌيءَ ۾ ڏوهيڙو) پنگل (ڇند وديا - هندي عروض) ۾ هڪ اهڙو ڇند موزون ڪلام آهي، جنهن جي هر سِٽ نندين وڏين چوويهه ماترائن تي ٻَڌل هوندي آهي. دوهي ۾ ٻه سِٽون (مصرع) ٿين ٿيون. جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ تُڪ (قافيو) آٽيندا آهن. دوهي جي هر سِٽ کي دل چوندا آهن ۽ هر دل ۾ ٻه چَرن (قدم يا پاڳا) هوندا آهن. جيڪي وري تيرهن ۽ يارنهن ماترائن ۾ ورهايل هوندا آهن."[1]

"ڇند وديا جون ڪيتريون ئي صنفون آهن. 'دوها' سينيءَ ۾ مقبول صنف آهي. دوها يا دوهرا ٻن سٽن واري شعر کي چيو ويندو آهي. جنهن ۾ ٻئي سِٽون پاڻ ۾ هم قافيه هونديون آهن ۽ ٻنهيءَ ۾ قافيو پڇاڙيءَ ۾ ايندو آهي".[2]

دوهي جي سمجهاڻي هيٺ ڏجي ٿي:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| پهريون دَل | چرن(١) | وقفو | چرن(٢) | تُڪ (قافيو) |
| | ١٣ ماترائون | | ١١ ماترائون | |





| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ٻيون دَل | چرن(١) | وقفو | چرن(٢) | تُڪ (قافيو) |
| | ١٣ ماترائون | | ١١ ماترائون | [3] |

**دوهي جا قسم:**

دوهي جا ٢٣ قسم ڄاڻايا ويا آهن. "لگهو ۽ گرو ماترائن جي صوتي نظام تحت رويندر سُهائي ورما انيتاليهه (٤٨) ماترائن جي دوهي جا هيٺيان قسم ٻُڌايا آهن:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| پرمر | = | ٢٢ گرو | + ٤ لگهو | = | ٤٨ ماترائون |
| سيرامر | = | ٢١ گرو | + ٦ لگهو | = | ٤٨ ماترائون |
| شرڀ | = | ٢٠ گرو | + ٨ لگهو | = | ٤٨ ماترائون |
| شين | = | ١٩ گرو | + ١٠ لگهو | = | ٤٨ ماترائون |
| منڊوڪ | = | ١٨ گرو | + ١٢ لگهو | = | ٤٨ ماترائون |
| مرڪٽ | = | ١٧ گرو | + ١٤ لگهو | = | ٤٨ ماترائون |
| ڪرڀ | = | ١٦ گرو | + ١٦ لگهو | = | ٤٨ ماترائون |
| نر | = | ١٥ گرو | + ١٨ لگهو | = | ٤٨ ماترائون |
| هنس | = | ١٤ گرو | + ٢٠ لگهو | = | ٤٨ ماترائون |
| بال | = | ١٣ گرو | + ٢٢ لگهو | = | ٤٨ ماترائون |
| پيوڌر | = | ١٢ گرو | + ٢٤ لگهو | = | ٤٨ ماترائون |
| چل / بل | = | ١١ گرو | + ٢٦ لگهو | = | ٤٨ ماترائون |
| بانر | = | ١٠ گرو | + ٢٨ لگهو | = | ٤٨ ماترائون |
| ترڪل | = | ٩ گرو | + ٣٠ لگهو | = | ٤٨ ماترائون |
| ڪڇپ | = | ٨ گرو | + ٣٢ لگهو | = | ٤٨ ماترائون |
| مڇح | = | ٧ گرو | + ٣٤ لگهو | = | ٤٨ ماترائون |

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| شاردول | = | ٦ گرو | + ٣٦ لگھو | = | ۴٨ ماترائون |
| اهيو | = | ٥ گرو | + ٣٨ لگھو | = | ۴٨ ماترائون |
| بيال | = | ۴ گرو | + ۴٠ لگھو | = | ۴٨ ماترائون |
| بڊال | = | ٣ گرو | + ۴٢ لگھو | = | ۴٨ ماترائون |
| شوان | = | ٢ گرو | + ۴۴ لگھو | = | ۴٨ ماترائون |
| اُدر | = | ١ گرو | + ۴٦ لگھو | = | ۴٨ ماترائون |
| سرپ | = | + گرو | + ۴٨ لگھو | = | ۴٨ ماترائون (۴) |

الياس عشقي پنهنجي شعري مجموعي ’دوها هزاري‘ ۾ دوهي جا ٽي ٻيا بہ قسم ڄاڻايا آهن، جن جي هُن پنهنجي دوهن ۾ منظوم وصف بہ بيان ڪئي آهي. اُهي هن ريت آهن:

(١) وڏو دوهو (٢) تونبيري دوهو (٣) ڪرو دوهو

وڏو دوهو سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن قاضي قادن، شاهہ عبدالڪريم بُلڙيءَ وارو ۽ ٻين شاعرن جي شاعريءَ ۾ بہ ملي ٿو. ايئن چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو، تہ سنڌي بيت جي اوائلي صورت ڪي هُن وڏو دوهو سڏيو آهي. وڏو دوهو جي پهرين ۽ چوٿين پَد ۾ قافيو ايندو آهي.

”دو جا دوھا لائے، پہلا دل ہو سورٹھا،
ایسا چھند جُڑے تو پھر دوہا بڑا کہلائے۔“(۵)

متي ڏنل شعر ۾ ’لائے‘ ۽ ’کہلائے‘ قافيا آهن

هيٺ قاضي قاضن ۽ شاهہ عبدالڪريم جا شعر مثال طور ڏجن ٿا:

”سڄڻ منجھ هٿام، مون اُتي ويا اوٺيا،
هيڏان هوڏان هٿڙا، هيئين جاڙ وڏام.“(٦)
(قاضي قاضن)





”ڏکين ڏات پئو، هيئنڙو لوهہ سَنداڻ جئن،
سنپاري ڪي سڄڻين، ورڃي، ورڃي تان نہ وئو.“(٧)
(شاهہ عبدالڪريم)

سنڌي بيت کي الياس عشقي ’تونبيري دوهو‘ سڏيو آهي. ڪرو دوهو، نارائڻ شيام وٽ ملي ٿو. ڪرو دوهو جو پهريون پَد ۽ ٽيون پَد هم قافيہ هوندو آهي. ٻيون چَرن ۽ چوٿون چَرن پاڻ ۾ هم قافيہ هوندو آهي. دوهي جي هن قسم ۾ ٻٽا قافيہ هوندا آهن.

”دوہے کا دوہا رہے، اور سورٹھا ہوئے،
اُسے کھرا دوہا کہے، جانے بھید جو کوئے“(٨)

سنڌي شاعريءَ ۾ دوهي جي هن قسم هيٺ رُڳو نارائڻ شيام ئي طبع آزمائي ڪئي آهي.

جنهن ۾ شيام، ٻِٽا قافيہ ڪتب آندا آهن. قافين جي ترتيب اهڙي نموني رکي وجي ٿي، جو سورٺو بہ لڳي تہ دوهو بہ. فرق رُڳو ايترو آهي، جو سورٺي ۾ قافين وارن چَرنن ۾ يارنهن ماترائون هونديون آهن، پر دوهي جي هن قسم ۾ پهرين ۽ ٽين چرن ۾ تيرهن ماترائون هونديون آهن.

”ڪنهن لئہ آندو رات هِي، سندر تارڪ هار،
ڪير ڏسي تہ ونيس ٻِي، آهہ سُتل سنسار.“(٩)

دوهي جي پهرين چرن ۾ ’هي‘ ۽ ٽين چرن ۾ ’ٻِي‘ قافيہ آهن. ٻي ۽ چوٿين چَرن ۾ ’هار‘ ۽ ’سنسار‘ هم قافيہ آهن.

هيٺ نارائڻ شيام جا اهڙي قسم جا ڪجھ دوها ڏجن ٿا، قافين جي هيٺيان ليڪ ڏني وئي آهي.

”ڪڏهن تہ سمجهان شيام مان، سپنو هي سنسار،
پنهنجي ڪم فهميءَ مٿان، ڪِليو بہ ٿم سوَ وار.“ (١٠)

”وڃ جهڙو پيي عمر ڪي، آهي ڪو نہ جتاءُ،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪو سڌ ڏيئي پيو چوي، دير نہ ڪر جهٽ آءُ.“(11)

”سارو ڏينهن ڪندا رهيا، ٻار نديءَ پر راند،
سانجهي مهل چنڊي اُٿيا، واريءَ پريل پلاند.“(12)

”هڪ اڻ ڇاتل قول جي، جهيٽي خوشبو جيئن،
تنهنجي مرڪ سرل سهي، اُڻ تُڻ لائي ايئن.“(13)

نارائڻ شيام سورٺي ۾ بہ ٻٽا قافيہ رکڻ جو تجربو ڪيو آهي. هيٺ ڪجھ اهڙي قسم جا سورٺا ڏجن ٿا، جن ۾ ٻٽا قافيہ ڪتب آندا ويا آهن.

”چنڊُ لڳو ٿي ايئن، اُڀ ۾ آڌيءَ رات جو،
جَر تي هوريان جيئن، تري هنس نندڙاڪڙو.“(14)

”نينهن ڀريا سي نيڻ، ڳالهين ساڻ ڳراٽڙيون،
وَر وَر ڏيئي پيڻ! ساريان سُهٽيون صحبتون.“(15)

”سورج لعلن ساڻ، ڀري ڪڪر جو پاند ويو،
چنڊ اچي ڀراڻ، ڀرايس نج سون جو.“(16)

## ’وراڻ‘ يا ’تڪرار‘ وارا دوها:

”’وراڻ‘ يا ’تڪرار‘ واري سٽاءَ ڀريون پيرو شاهہ لُطف الله قادريءَ جي بيتن ۾ پوري تسلسل ۽ تفصيل سان نظر اچي ٿو. هن سٽاءَ موجب، شاعر هڪ کان وڌيڪ بيتن ۾ ساڳئي مضمون کي ورجائڻ خاطر کي ساڳيا الفاظ، اصطلاح يا فقرا ورائي آڻندو آهي. انهي ’وراڻ‘ يا ’تڪرار‘ جو مقصد ڪنهن خيال يا ڳالھ جي تصديق، توثيق يا تاڪيد هوندو آهي. يا دلي طلب ۽ تحسين جو پوري ذوق سان اظهار.“(17)





”حسن حبيبن جو، پسين جي هيڪار،
تہ توکي سڀ ڄمار، وڃي اُڃ ورهن جي.“(18)

”حسن حبيبن جو، پَسين جي پيهي،
تہ توکي سيئي، ٻيون وڃن وسري.“(19)

”حسن حبيبن جو، جني ڏٺي ماءِ،
تني منجهان ڪاءِ، سُک نہ سُتي ڪڏهن.“(20)

”گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، تان ڪي تَرُ، هِنيان!
ادب اکڙين ڪي، ڏيهاٽي ڏيان،
ميهارن مِيان، سَئون سُونهايم پيچرو.(21)

”گهڙو ڀڳو، مُنڌ مُئي، وَسيلا وِيا،
تِهان پوءِ سُئا، سُهٽيءَ سڏ ميهار جا.(22)

ڪلاسيڪل شاعريءَ جي انهي روايت ’وراڻ‘ يا ’تڪرار‘ کي نارائڻ شيام پنهنجي درهن ۾ ڪٽي آيو آهي. ’وراڻ‘ يا ’تڪرار‘ لاءِ لفظن جي هڪ خاص انداز ۽ ورتاءُ يا سٽاءُ جي ضرورت ٿئي ٿي، پيو تہ ’وراڻ‘ ۾ لفظن جي تڪرار سبب لفظي ۽ صوتي خوبي پيدا ٿئي ٿي، جنهن سان شعر ۾ اثر دلڪشي پيدا ٿئي ٿي. ’وراڻ‘ سبب تجنيس حرفي بہ اچي وڃي ٿي، جيڪا شعر ۾ رس، رچاءُ ۽ رواني پيدا ڪندي آهي.

”’وراڻ‘ يا ’تڪرار‘ جون ٻہ صورتون آهن. بيت جي بُلڪل شروع واري ’وراڻ‘ ۽ بيت جي بلڪل آخري سِٽ واري وراڻ“.(23)

نارائڻ شيام وٽ دوهن ۾ ’وراڻ‘ يا ’تڪرار‘ جون ٽي صورتون ملن ٿيون.

### وراڻ جي پهرين صورت:

هن صورت ۾ نارائڻ شيام دوهي جي پهرين چَرن کي ’وراڻ‘ طور استعمال ڪيو آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”ڀيج ڀني، دل، دک ڀني، ماک ڀني سُرهاڻ،
پاند پُڄايان ڪانڌ جو، جيڪر لُڙڪن ساڻ.(۲۴)

”ڀيج ڀني، دل، دک ڀني، ماک ڀنا رابيل،
شيام، اکيون ڳوڙهن ڀِنيون، سَرس سڪڻ جي ويل! (۲۵)

**وراڻ جي ٻي صورت:**

هن صورت ۾ نارائڻ شيام پهرين دوهي جي ٻي چَرن کي ٻي دوهي جو پهريون چَرن طور ڪتب آندو آهي.

”ڳالهائڻ پاٻوهه مان، مُنهن تي مُرڪ هميش،
محبوبي موجودگي، ڏئي نينهن کي نيش.“(۲۶)

”منهن تي مُرڪ هميش، ۽ نيڻن ۾ پاٻوهه،
محبوبي مورت ڏسي، من ۾ جاڳي موهه!(۲۷)

**وراڻ جي ٽين صورت:**

هن صورت ۾ ’وراڻ‘ ۾ ٻنهي دوهن جو پهريون چَرن ، ٻيون ۽ چوٿون چرن ساڳي رکيوويو آهي. رُڳو ٽيون چرن تبديل ڪيو ويو آهي.

”بيهڪ آهي ڪا نه، آهه حياتي هل هلان،
لڳن، رُڪن طوفان، دريا وهندو ئي رهي.“(۲۸)
”بيهڪ آهي ڪا نه، آهه حياتي هل هلان،
ڇا بَر، ڇا بُستان، دريا وهندو ئي رهي.“(۲۹)

شروع ۾ دوهي جا لگهو ۽ گرو جي صوتي نظام هيٺ جيڪي ۲۳ قسم ڄاڻايا ويا آهن. نارائڻ شيام انهن مان شروع وارن ستن قسمن هيٺ دوها لکيا آهن.

**ڀرمر:**

هن قسم جي دوهي ۾ ۲۲ گرو ۽ ۴ لگهو ماترائون هونديون آهن. دوها چند يا





عام دوهي ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار (۴) لگهو ماترائون لازمي قرار ڏنيون ويون آهن. پهرين چرن ۽ ٽين چرن ۾ يارهين ماترا لگهو (هِڪوٽي) هوندي آهي. ٻي ۽ چوٿين چرن ۾ به يارهين ماترا لگهو هوندي آهي.

”هلڪا هلڪا ٿهڪڙا، منٺڙي منٺڙي تانَ،
۲ ۲ ۲۲ ۲۱۲ ، ۲ ۲ ۲ ۲ ۱۲
شايد ٻيا ڀي چندڊ جا، آهن ڪي مهمانَ.(۳۰)
۲۲۱۲۲ ۲۱۱ ، ۲۲ ۲ ۲ ۱۲

**سڀرامر:**

دوهي جي هن قسم ۾۲۱ گرو ۽ ٦ لگهو ماترائون هونديون آهن.

”ماک مثل رئندو رهيس، اونداهيءَ ۾ رات،
۲ ۱ ۲۱ ۲ ۲ ۱ ۲ ، ۲ ۲ ۲ ۲ ۲ ۱
ڪرڻن سان ڳوڙها اُگهيئه، پرڇائي پرڀات.“(۳۱)
۲ ۲ ۲ ۲ ۲ ۱ ۲ ، ۲ ۲ ۲ ۲ ۲ ۱۲
”گيتن جي ماڙي منجهان، تڪي تڪي هئن ڪير،
۲ ۲ ۲ ۲ ۲ ۱ ۲ ، ۱ ۲ ۱ ۲ ۲ ۱
ليئه جي ڏاڪڻ تان لهي، رکندو هڪ هڪ پير.(۳۲)
۲ ۲ ۲ ۲ ۲ ۱ ۲ ، ۲۲ ۲ ۲ ۲۱
”چاندوڪيءَ جي آرسيءَ، رو پهلي ايڪانت،
۲ ۲ ۲ ۲ ۲ ۱ ۲ ، ۱ ۲ ۲ ۲ ۲ ۱
پنهنجي سونهن ڏسي ڏسي، ڳائي پيئي سانت“(۳۳)
۲ ۲ ۲ ۱ ۱ ۲ ۱ ۲ ، ۲ ۲ ۲ ۲ ۲ ۱
”هر هر ڇو ڇڪجن اکيون، تو ۾ ڇا هي نيٺ،
۲ ۲ ۲ ۲ ۲ ۱ ۲ ، ۲ ۲ ۲ ۲ ۲ ۱

سنيران ڪا هن ڪان اڳي، تو سان ڏيٺ نہ ويٺ." (۳۴)

۲ ۲ ۲ ۲ ۲۱، ۲ ۲ ۲ ۱ ۱ ۲ ۱

متئين چئن دوهن ۾ نارائڻ شيام ماترائن جي بيهڪ الڳ الڳ رکي آهي. پهرين دوهي جي پهرين چرن، ٻي دوهي جي ٻي چَرن، ٽين دوهي جي ٽين چَرن ۽ چوٿين دوهي جي چوٿين چرن ۾ گرو ۽ لگهو ماترائن جي ترتيب الڳ الڳ طرح جي آهي. نارائڻ شيام، سيرامر دوهي ۾ ٦ لگهو ماترائن جي پابندي ۾ رهي، دوهي جي لگهو ماترائن جي ترتيب ۾ جيڪا آزادي ورتي آهي. ان سان دوهي کي فني وسعت ملي آهي ۽ ٻين شاعرن لاءِ اهڙا فني تجربا ڪري ويو آهي، جنهن سان نون لکندڙن لاءِ بہ آساني پيدا ٿئي پئي آهي.

**شرپ:**

دوهي جي هن قسم ۾ ٢٠ گرو ۽ ٨ لگهو ماترائون هونديون آهن.

"آهي شعر 'اياز' جو، اوجل پونم رات،

۲ ۲ ۲ ۱ ۱۲۱ ۲ ، ۲ ۲ ۲ ۲ ۲ ۱

۽ ڪوتا 'دلگير' جي، رنگ رتي پريات."(۳۵)

۲ ۲ ۲ ۲ ۲ ۱ ۲ ، ۲ ۱ ۱ ۲ ۲ ۲ ۲ ۱

"وک وک ڪٽي هلي وئي، ٽي جئن ئي پريات،

۲ ۲ ۲۱ ۲۱ ۲۱، ۲ ۲ ۲ ۲ ۲ ۲ ۱

تارو تارو ٽي، وئي شيام وهامي رات!."(۳٦)

۲۲ ۲ ۲ ۲ ، ۲۱ ۲ ۱ ۲۱ ۲ ۱۲

"روپ وتي! آئينءَ ايئن، گويا ٽي پريات،

۲ ۱ ۱ ۲ ۲ ۲ ۲۱، ۲ ۲ ۲ ۲ ۲ ۲ ۱

پانيم ڇم ڇم ڇير جي، مِٺي پکين جي لات."(۳۷)

۲ ۲ ۲ ۲ ۲ ۱ ۲ ، ۱ ۲ ۱ ۲ ۲ ۲ ۱





"ڏسندي تارن ڏانهن تون، جڏهن وسارين پاڻ،

۲ ۲ ۲۲ ۲ ۱ ۲ ، ۱ ۲ ۱ ۲ ۲ ۲ ۱

اُپ ٽي هوند ڏسانءِ مان، نوَ لک نيٽن ساڻ."(۳۸)

۲ ۲ ۲ ۱ ۱ ۲ ۱ ۲ ، ۲ ۲ ۲ ۲ ۲ ۲ ۱

"اُپ ۾ نڪتي اندلت، ڪوئل ڳائي گيت،

۲ ۲ ۲ ۲ ۲۱۲، ۲ ۲ ۲۲ ۲ ۱،

شايد وري نہ گڏ ملن، راڳ رنگ هئن ميت."(۳۹)

۲ ۲ ۲۱ ۲۱ ۲۱، ۲۱۲ ۲۱ ۲ ۱

"پٽر ڪرندي ڍنڍ ۾، جيئن ٿيو آواز،

۲۲ ۲ ۲ ۲۱۲، ۲ ۱ ۱۲۲۲۱

پر ٽي وينل وڻ منجهان، پکيءَ ڪيو پرواز."(۴۰)

۲ ۲ ۲ ۲ ۲ ۱ ۲ ، ۱ ۲ ۱ ۲ ۲ ۲ ۱

متئين ڇهن ئي دوهن ۾ لگهو ۽ گرو ماترائن جي ترتيب الڳ الڳ طرح جي آهي. نارائڻ شيام پنهنجي دوهن ۾ مقرر لگهو ۽ گرو ماترائن جو رُڳو انگ پورو ناهي ڪيو. پر پنهنجي هر دوهي ۾ لگهو ۽ گرو ماترائن جي بيهڪ ۾ جيڪو ڦيرو آندو آهي، اهڙو ڪو مثال اڳ ۾ ايئن ججهي انداز ۾ ٻئي ڪنهن شاعر وٽ نٿو ملي. نارائڻ شيام پنهنجي دوهن ۾ فني تجربا ۽ فني ڪاريگريون ڪتب آڻي، پنهنجي دوهن کي فني وسعت بخشي آهي.

**شين:**

دوهي جي هن قسم ۾ ١٩ گرو ۽ ١٠ لگهو ماترائون هونديون آهن.

"اجا فضا ۾ پيو تري، مرليءَ جو آواز،

۱۲۱۲ ۲ ۲ ۲۱، ۲ ۲ ۲ ۱۲۲۲



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪُنج ڪُنج ڳولن سکيون، برج جڳان جڳ راز!."[٤١]

٢ ١ ٢ ١ ٢ ٢ ١ ٢ ، ٢ ١ ١ ٢ ٢ ١٢

"دلڪش لهر خيال جي، راڳ ناچ جو روپ،

٢ ٢ ٢ ١ ١ ٢ ١ ٢ ، ١٢ ٢ ١ ٢ ١٢

جئن چانڊوڪي رات ۾، گنگا ڌار انوپ."[٤٢]

٢ ٢ ٢ ٢ ٢ ١ ٢ ، ٢ ٢ ٢ ١ ١ ٢ ١

"مڌر روپ، مڌم مڌر، پائل جي جهنڪار،

١ ٢ ٢ ١ ٢ ٢ ١ ٢ ، ٢ ٢ ٢ ٢ ٢ ١

ڦوهه جواني، چڙ وچي، آڌيءَ رات ستار."[٤٣]

٢ ١ ١ ٢ ٢ ٢ ١ ٢ ، ٢ ٢ ٢ ١ ١ ٢ ١

"اڳيان پيچري تي رهيو، ڪنڊن جو اٽڪاءُ،

١ ٢ ٢ ١ ٢ ٢ ١ ٢ ، ٢ ٢ ٢ ٢ ٢ ١

پُنيان لتاڙيل ڦول پي، ڏيندا رهيا هُڳاءُ."[٤٤]

١ ٢ ١ ٢ ٢ ٢ ١ ٢ ، ٢ ٢ ١ ٢ ١ ٢ ١

"جن وٽ دل نہ نسيم جي، شبنم جي بہ نہ ديد،

٢ ٢ ٢ ١ ٢ ١ ٢ ، ٢ ٢ ٢ ١ ١ ٢ ١ ،

گُل جي رنگ هڳاوتي، ڪنڊا ڪن تنقيد!."[٤٥]

٢ ٢ ٢ ١ ١ ٢ ١ ١ ٢ ، ٢ ٢ ٢ ٢ ٢ ١.

مٿين پنجن ئي دوهن جي لگهو ۽ گرو ماترائن جي ترتيب الڳ الڳ نموني جي رکي وئي آهي. شيام پنهنجي دوهن ۾ اهڙيون فني ڪاريگريون تمام گهٽيون ڪتب آنديون آهن. توڙي جو نارائڻ شيام جا سمورا دوها، 'دوها چند' تي آهن. هُن بين چندن تي دوها ناهن لکيا. هُن دوهي جي روايت سان خوب نڀايو آهي.





## منڊوڪ:

دوهي جي هن قسم ۾ ١٨ گرو ۽ ١٢ لگهو ماترائون آهن.

"اُن جي ناز نهار جو، اي دل! ڪج نہ وڏاءُ،

٢ ٢ ٢ ١ ١ ٢ ١ ٢ ، ٢ ٢ ٢ ١ ١ ٢ ١

خاص نہ آهي ڀونر لئہ، گل جو رنگ هڳاءُ."[٤٦]

٢ ١ ١ ٢ ٢ ٢ ١ ٢ ، ٢ ٢ ٢ ١ ١ ٢ ١

"ڏسي بيوسي رات جي، ڪلڻ لڳي پريات،

١ ٢ ٢ ١ ٢ ٢ ١ ٢ ، ١ ٢ ١ ٢ ٢ ٢ ١

سچ جا ستم گهٽا سهي، ڪئي بغاوت رات."[٤٧]

٢ ٢ ١ ٢ ١ ٢ ١ ٢ ، ١ ٢ ١ ٢ ٢ ٢ ١

"جاڳ جاڳ مومل مٺي، جاڳ سُهاڳڻ جاڳ،

٢ ١ ٢ ١ ٢ ٢ ١ ٢ ، ٢ ١ ١ ٢ ١ ٢ ٢ ١

موٺي وڃي نہ ميندرو، پُني نہ ڏيئي ڀاڳ.!"[٤٨]

٢ ٢ ١ ٢ ١ ٢ ١ ٢ ، ١ ٢ ١ ٢ ٢ ٢ ١

"ڦري اکين ۾ سا ڇبي، ڪلي ڪري گفتار،

١ ٢ ١ ٢ ٢ ٢ ١ ٢ ، ١ ٢ ١ ٢ ٢ ٢ ١

شيام ڪنول تي ڀونر جئن، ڀري ڪري گنجار."[٤٩]

٢ ١ ١ ٢ ٢ ٢ ١ ٢ ، ١ ٢ ١ ٢ ٢ ٢ ٢ ١

نارائڻ شيام جي دوهن ۾ جيڪي فني خوبصورتيون آهن. اُنهن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن اهڙا فني تجربا يا اهڙيون فني رعايتون وٺي سگهجن ۽ شاعر جي ذهن ۾ لگهو ۽ گرو ماترائن جي هرويرو پابندي نہ هُجي تہ اُن ۾ رُڳو بَس چار (٤) لگهو ماترائون ئي ڏيٽيون آهن ۽ انهن جي ترتيب جو بہ خاص خيال رکٽو آهي. مٿين دوهن ۾ نارايڻ شيام جي هر دوهي جي فني ترتيب مختلف آهي ۽ دوهي جي مختلف قسمن تي هُن لکي سنڌي شاعريءَ ۾ نئون مثال قائم ڪيو.

### مرڪٽ:

دوهي جي هن قسم ۾ ١٧ گرو ۽ ١٤ لگهو ماترائون آهن.

”وک وک تي پائل لچي، ڪري پڪار، نهار
٢ ٢ ٢ ٢٢ ١ ٢١، ١٢١٢١ ١٢١
جوين تہ نہ پابند ٿئي، سونهن بہ ڏينهن ٻہ چار.“(٥٠)
٢ ٢ ١ ١ ٢٢ ١ ٢، ٢ ١ ١ ٢١ ١ ١٢١
”ٽڙڻ گهُرن جي گُل ٽِڙن، ڪڏين رنگ پڻ ڏار،
٢١ ٢ ١ ٢ ٢ ١٢، ٢١ ١٢ ٢ ٢ ١
مگر سين جي رنگ مان، بکي ضرور بهار.“(٥١)
٢١ ٢١ ٢ ١٢ ٢، ٢١ ١٢١ ١٢١
”دل ۾ عزم لچي رهيو، آهہ سُجاڳ شعور،
٢ ٢ ٢ ١ ٢١ ١ ٢١، ٢ ١ ١ ١٢ ١ ١٢١
پڪ ڄاڻ تہ ناهي هئنر، شيام بغاوت دور.“ (٥٢)
٢ ٢ ٢٢١١ ٢١، ٢ ٢٢١١ ٢ ١

سنڌي شاعريءَ ۾ شيخ اياز، نارائڻ شيام ۽ امداد حسيني وٽ اهڙي قسم جون فني وسعتون ۽ رعايتون ملن ٿيون. تمام گهٽي شاعري (دوها) جيڪي دوها ڇند تي لکيل آهن.

اُهي دوهي جي پهرين قسم ’پرمر‘ تي لکيل آهن. جنهن ۾ چار (٤) لگهو ماترائون هونديون آهن. دوهن جي ٻين قسمن ڏانهن شاعرن اچا ڌيان ناهي ڏنو. نارائڻ شيام اهڙا فني تجربا پنجاهہ (١٩٥٠ع) کان (١٩٦٠ع) واري ڏهاڪي ۾ ڪيا هئا.

### ڪرڀ:

دوهي جي هن قسم ۾ ١٦ گرو ۽ ١٦ لگهو ماترائون هونديون آهن.

”محب! ملون نہ ملون وري، ياد رهي نہ رهيم،
٢١ ٢١ ٢١١ ٢١، ٢١١٢ ١٢١١





ويهہ ٻُڌي وڃ ڳالهڙي، من اُڏڪو تہ لهيم.“(٥٣)
٢١١٢ ٢ ٢١٢، ٢ ٢ ٢ ١٢١١

### نتيجو:

نارائڻ شيام ’دوها ڇند‘ ۾ دوهي جي ٽيويهن (٢٣) قسمن مان ست (٧) قسم لکيا آهن. جن ۾ هُن لگهو ۽ گرو ماترائن ڪي دوهي جي چئني چرنن ۾ مختلف ستاءَ تحت دوها لکيا آهن. دوهي جا ايترا قسم نارائڻ شيام کان اڳ ۾ ڪنهن ٻي شاعر ناهن لکيا. شيخ اياز وٽ ’دوها ڇند‘ تي تمام گهٽ دوها لکيا آهن. اياز دوهي جي ٻين ڇندن تي بہ طبع آزمائي ڪئي، پر شيام وٽ صرف دوها ڇند ئي ملي ٿو. نارائڻ شيام، پنهنجي دوهن ۾ دوهي جا قسم لکيا ۽ انهن جي ماترڪ ستاءَ ڪي مختلف نموني سان لکي، جيڪي فني تجربا ڪيا، اهڙا تجربا شيام کان اڳ ۾ ٻئي ڪنهن بہ شاعر ناهن ڪيا. نارائڻ شيام جي فني تجربن ڪي سمجهڻ جي ضرورت آهي، تہ جيئن شيام جي شعر ۾ سمايل فني خوبين ڪي بخوبي سمجهي سگهجي .

### حوالا


١. عشقي، الياس، ’سنڌي بيتن جو بُڻ بنياد‘، ٽماهي ’مهراڻ‘، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، آڪٽوبر ١٩٨٥ع، ص: ١٥٠

٢. الانا، غلام علي، ’سومرن جي دؤر جي شاعريءَ‘، ٽماهي ’مهراڻ‘، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ٢-١/١٩٦٠ع.

٣. عشقي، الياس، ’سنڌي بيتن جو بُڻ بنياد‘، ٽماهي ’مهراڻ‘، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، آڪٽوبر ١٩٨٥ع، ص: ١٥٠.

٤. ڪنول، ظهير، ’پاڪستان ۾ اُردو دوهي ڪي روايت‘، انجمن ترقي اُردو پاڪستان، ٢٠٠٥ع، ص: ٢٨.٢٩

٥. عشقي، الياس، ’دوها هزاري‘، اوراڪ پبليڪيشنز، جنوري ٢٠٠٣ع، ص: ٤١.

٦. سنڌي، ڊاڪٽر ميمڻ، عبدالمجيد ’لطيفي لات‘، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، جون ٢٠٠١ع.

٧. دائود پوٽو، ڊاڪٽر، ’شاهہ ڪريم بُلڙي واري جو ڪلام‘، پٽ ثقافتي مرڪز، حيدرآباد، ١٩٧٧ع، ص: ٤٤.

٨. عشقي، الياس، ’دوها هزاري‘ اوراق پبليڪيشنز، حيدرآباد، جنوري ٢٠٠٣ع، ص: ٤١.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۹. شيام، نارائڻ، ’نڪريو آهي نينهن‘، مرتب: مصطفيٰ نانگراج، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ۱۹۹۹ع. ص: ۴۶.

۱۰. ساڳيو، ص: ۴۹.

۱۱. ساڳيو، ص: ۴۹.

۱۲. ساڳيو، ص: ۴۹.

۱۳. ساڳيو، ص: ۵۱.

۱۴. ساڳيو، ص: ۵۶.

۱۵. ساڳيو، ص: ۵۹.

۱۶. ساڳيو، ص: ۶۰.

۱۷. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ’شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام‘، سنڌيالاجي ڄامشورو، ۱۹۶۸ع، ص: ۲۴.

۱۸. ساڳيو، ص: ۴۷.

۱۹. ساڳيو، ص: ۴۷.

۲۰. ساڳيو، ص: ۴۸.

۲۱. آڏواڻي، ڪلياڻ، ’شاهہ جو رسالو‘، مُڪتبہ بُرهان، ڪراچي، ص: ۹۳.

۲۲. ساڳيو، ص: ۹۳.

۲۳. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ’شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام‘، سنڌيالاجي ڄامشورو، ۱۹۶۸ع، ص: ۲۴.

۲۴. شيام، نارائڻ، ’نڪريو آهي نينهن‘، مرتب: مصطفيٰ نانگراج، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ۱۹۹۹ع، ص: ۵۰.

۲۵. ساڳيو، ص: ۵۰.

۲۶. ساڳيو، ص: ۵۱.

۲۷. ساڳيو، ص: ۵۲.

۲۸. ساڳيو، ص: ۵۷.

۲۹. ساڳيو، ص: ۵۷.

۳۰. ساڳيو، ص: ۵۲.

۳۱. ساڳيو، ص: ۳۴.

۳۲. ساڳيو، ص: ۳۴.







۳۳. ساڳيو، ص: ۳۴.

۳۴. ساڳيو، ص: ۳۶.

۳۵. ساڳيو، ص: ۴۹.

۳۶. ساڳيو، ص: ۳۶.

۳۷. ساڳيو، ص: ۳۶.

۳۸. ساڳيو، ص: ۳۷.

۳۹. ساڳيو، ص: ۵۴.

۴۰. ساڳيو، ص: ۵۵.

۴۱. ساڳيو، ص: ۳۴.

۴۲. ساڳيو، ص: ۳۵.

۴۳. ساڳيو، ص: ۳۵.

۴۴. ساڳيو، ص: ۵۵.

۴۵. ساڳيو، ص: ۵۵.

۴۶. ساڳيو، ص: ۳۸.

۴۷. ساڳيو، ص: ۴۴.

۴۸. ساڳيو، ص: ۳۸.

۴۹. ساڳيو، ص: ۳۹.

۵۰. ساڳيو، ص: ۳۹.

۵۱. ساڳيو، ص: ۴۸.

۵۲. ساڳيو، ص: ۴۴.

۵۳. ساڳيو، ص: ۳۹.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair